ڊاڪٽر گل حسن لغاري

سنڌي ادب ۽ نوجوان نسل

”ادب“ جي حقيقي معنيٰ هن ريت ڪئي وڃي ٿي تہ : ”اها لکيت، جنهن ۾ زيب وزينت، حسن و رعنائي هجي، ادب، زندگيءَ جي گوناگون حقيقتن جي ترجماني ڪري ۽ لطافت ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي“

قديم يا جديد دور ۾، ادب جي مفهوم ۽ مقصد کي جملي انساني علم تي حاوي سمجهيو ويو آهي، ڇو تہ انسان جي “ادب” جو انحصار، تربيت تاديب ۽ تعليم تي آهي . ”ادب“ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ بہ ”علم ادب“ جو حاصل ڪرڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ ٻار کي والدين ۽ استادن جي رهبري ۽ پيروي ڪرڻي پوي ٿي ۽ اُن بعد اهو ٻار جوانيءَ ۾ داخل ٿي، مهذب ۽ شائستہ شخصيت جو مالڪ بنجي سگهي ٿو، تنهنڪري تربيت، تاديب ۽ تعليم کان سواءِ . ”ادب“ جي منزل ماڻڻ مشڪل آهي.

سنڌي ادب ۾، اخلاقي ۽ تعميري مضمون ۽ مقالا، افسانا، ناول. ۽ ناٽڪ بہ موجود آهن تہ تحقيقي ۽ تا ريخي مقالا بہ جديد دور جي تقاضائن موجب لکيا ويا آهن . سنڌ جو تاريخي ورثو نهايت قديم آهي ۽ جنهن تي جيترو بہ ڪم ٿيو آهي سو قابلِ تعريف آهي. پر هن سلسلي ۾ تحقيق جون راهون ڪشاده ۽ وسيع آهن . خود سنڌي زبان ۽ لسانيات تي بہ ڪجهہ ڪتاب آهن . شعر و شاعري جو جيڪو قديم ذ خيرو سنڌي ادب ۾ موجود آهي، ان

جي اهميت آفاقي ۽ عالمگير آهي. مثلاً شاهہ ڪريم جو ڪلامر، شاهہ عنايت جو ڪلامر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو رسالو، فقير عبدالرحيم گرهوڙي جو ڪلامر، سچل سرمست جو ڪلامر وغيره وغيره.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي. "ادب" جي عالمگير حيثيت، انهيءَ ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي خصوصيت آهي ۽ انهيءَ لحاظ کان شاهہ لطيف جي رسالي کي اهم مقام حاصل آهي . شاهہ صاحب، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي دور ۾ شعر چيو، جنهن دور ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جو تمام وڏو اثر هو ۽ اهي ئي ٻوليون علمي ڄاڻ جي ڪسوٽي هيون. شاهہ صاحب، مولانا جلال الدين روميءَ کان عرفان ۽ فڪر ضرور حاصل ڪيو، پر پنهنجو شعر مثنويءَ جي صنف ۾ نہ چيائين ۽ نہ ئي مولانا روميءَ وانگر پوريون ڪهاڻيون بيان ڪري، پوءِ مطلب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين . شاهہ صاحب، ان جي برعڪس مڪاني ۽ وطني ڪهاڻيـ ن ۽ ڪردارن کي کڻي، انهن ڏانهن اشارو ڪري، پنهنجو مطلب ظاهر ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب جي شعر جي رسائي ۽ پروڙ، عام ماڻهو تائين آهي.

سنڌي اَدب جي قديم نثر يا نظم ۾، نوجوان نسل لاءِ مواد موجود آهي ۽ خود موجوده نوجوان نسل جو ن "سنڌي ادب" ۾ ڪوششون، بارآور، مفيد ۽ صحتمند رجحان جي عڪاسي ڪن ٿيون. انساني زندگيءَ ۾ جتي سونهن ۽ سوڀيا، نيڪي ۽ شرافت ۽ خوشي آهي، اتي ڏک درد،بُرائي ۽ بيحيائي بہ آهي . "اَديب" جي نگاهہ، فڪر ۽ سوچ جو محور، زندگيءَ جي هڪ

پهلوءَ ڏانهن نہ هوندو آهي، پر حياتيءَ ج ي خوبصورت ۽ وڻندڙ پهلوءَ سان گڏوگڏ، ڪيس زندگيءَ جي اڻ وڻندڙ ۽ ناشائستہ حقيقتن ڪي چٽڻو آهي . ليڪن انهيءَ ۾ اهڙو تاثر قائم رکڻ گهرجي، جيئن نوجوان نسل، زندگيءَ جي خوبصورت ۽ تعميري پهلوءَ ڪي پاڻ ۾ جاءِ ڏئي، ناروا ۽ ناپسنديده عمل ڪان گريز ڪري سگهي.

زندگيءَ جي نشيب و فراز دوران، انسان ڪي ٽن مرحلن مان لنگهڻو پوي ٿو : ٻالپڻو، جواني ۽ پيري . جواني، زندگيءَ جي آيامن جي قوت ۽ نيرومندي واري منزل آهي، جيڪا ٻالپڻي ۽ پيريءَ جي درميان آهن . ٻالپڻ ۽ پيريءَ جي دور ضعُف ۽ ڪمزوري سان گهيريل هوندو آهي، پر جوانيءَ جا ڏينهن، زندگيءَ جا بلند ۽ اعليٰ ترين منزل سان سرشار هوندا آهن .

ڪنهن بہ قوم ۽ ملڪ جو بزرگترين سرمايو ۽ اهم ترين انساني قوت، نوجوان نسل ئي شمار ڪيو وڃي ٿو . ڪنهن بہ ملڪ ۽ وطن جي سرسبزي، شادابي، ترقي و پيش رفت جو دارومدار، نوجوان نسل جي ڪوششن تي آهي . انهيءَ لاءِ ڪٺي قدرتي وسيلا هجن ۽ انهن ڪان ڪم وٺڻو هجي، ذهني نشوونما هجي، وطن جي آزادي ۽ استقلال جو سوال هجي، ظلم و جبر ۽ بي انصافي جي خلاف، حق ۽ انصاف جي لاءِ آواز اٿارڻو هجي يا پنهنجي وطن ڪي اقتصادي طور خوشحال بنائڻو هجي، تڏهن بہ ”نوجوان نسل“ جون ڪوششون درڪار ٿين ٿيون.

موجوده دور جي دنيا ۾، نوجوان نسل زندگيءَ جي سيني سياسي، سماجي، اجتماعي، اقتصادي، صنعتي ۽ اخلاقي شعبن ۾ وڏو حصو وٺي، پنهنجا نقش قائم ڪيا آهن . پهرينءَ عظيم لڙائيءَ (1914-1918ع) ۾ جرمني، اِٽليءَ، روس ۽ ٻين مغربي ملڪن جي حالت دگرگون ٿي ويئي تہ اتي جي حڪومتن، پنهنجي نوجوان نسل جي صلاحيتن مان فائدو ورتو ۽ اهي ملڪ، اڄ مُتمدن ترين ۽ شاهوڪار شمار ڪيا وڃن ٿا؛ ڇو تہ اتي جي اديبن، نوجوان نسل ۾ خوداعتمادي جو جذبو بيدار ڪيو. سياستدانن، پنهنجي نوجوان نسل تي ڀروسو ڪيو ۽ انهن جي پشت پناهي ڪئي، ناول نگارن، نوجوان نسل مان شخصيتن جي ڪردار جو انتخاب ڪيو ۽ اخبارن، انهن نوجوانن جي تعريف ۾ لکيو . اهڙيءَ ريت، نوجوان نسل جي ڪارڪردگي ۽ همت کي ساراهيو ويو.

سنڌي ادب جي نظم يا نثر جا جيڪي بہ دور گذريا آهن، انهن تي ڪافي لکيو ويو آهي ۽ اڃا بہ لکيو پيو وڃي. سنڌ تي ڌارين جي حملن ۽ ڪاهن، غيرن جي حڪمراني ۽ فرمانروائي جي ظالمانہ داستانن جي احوال کان بہ نوجوان نسل کي آگاهه ڪيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

"ادب" هڪ حقيقت نگاري آهي ۽ سنڌ ادب جي ڪلاسيڪي يا قديم ادب ۾ اخلاقي، روحاني ۽ سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ٿيل آهي. "اديب"، مؤرخ يا تاريخ نويس کان منفرد ۽ جداگانہ مقام جو مالڪ آهي . تاريخ نويس، پنهنجي دور جون جيڪي حقيقتون ۽ انهن جا تفصيل بيان ڪري ٿو، سي قابلِ قدر آهن ۽

وڏي اهميت رکن ٿا ۽ قومن جو ورثو، تاريخ سان وا بستہ آهي، ليڪن انهن حقيقتن جي روح تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي نروار ڪرڻ اديب جو ڪم آهي. تاريخ نويس، زندگيءَ جي سچائي ۽ اخلاص تائين رسائي حاصل نٿو ڪري. انهن جي سچائيءَ کي اديب ظاهر ڪري ٿو . دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب ۾ چند اعليٰ اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن، جن کي حقيقت نگار چيو وڃي ٿو، جيئن تہ انگلنڊ جي ادب ۾ شيڪسپيئر، ايران جي ادب ۾ شيخ سعدي شيرازي، مولانا جلال الدين رومي، حافظ شيرازي، سنڌ ۾ شاهہ لطيف رح، فقير عبدالرحيم گرهوڙي، سچل سرمست ۽ ٻيا.

نوجوان نسل جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي جوش، جذبي ۽ ولولي واري زندگيءَ ۾ قدم رکي ٿو تہ هن کي قديم يا جديد ادب ۾، عشق و محبت ۽ رومانوي داستان يا عشقيہ شعر، فطري طور وڻن ٿا. اهڙي قسم جي حقيقت کي تسليم ڪرڻ، ادب جي خلاف نہ آهي، پر ادب جو هڪ اهم حصو آهي. شيخ سعدي رح، جتي پند و نصيحت ۽ عقل و د انائيءَ جون ڳالهيون ٻُڌائي ٿو، اتي عشق جي بيان ڪرڻ لاءِ مناسب ۽ معقول دليل ڏئي ٿو ۽ هو چئي ٿو:

حديث عشق، اگر گوئي گناهہ است،

گناهہ اوّل ز حوا بود و آدم.

يعنيِ: عشق جو بيان ڪرڻ، جيڪڏهن گناهہ آهي تہ اهو پهريون) گناهہ حضرت آدم ۽ بيبي حوا کان ٿيو.

اهڙيءَ طرح سان، شيخ سعدي رح، عدل و انصاف ۽ رعيت جي احساسات ۽ جذبات جي احترام لاءِ، بادشاهه کي نصيحت ڪري ٿو ۽ حقيقت نگاريءَ جو بهترين مثال آهي، جيئن هو "گلستان" ۾ چئي ٿو.

فرازي در آن مرزو کشور مخواه

ڪه دل تنگ بيني رعيت، ز شاهه

رعيت نشايد ز بيداد کشت

ڪه مر سلطنت را پناهند و پُشت

يعني: انهيءَ ملڪ ۽ سرزمين جي ڪشادگي ۽ وسعت جي خواهش (تمنا) نه ڪر، جنهن جي رعيت، انهيءَ ملڪ جي حڪمران کان تنگ هجي.

رعيت کان بي انصافي ۽ ظلم سان ڪم نه گهرجي، ڇو ته رعيت ئي سلطنت جي پُشت پناهي ۽ بقا آهي.

شيخ سعدي يا حافظ شيرازي، جنهن دور مان گذريا، اهو ظلم و استبداد ۽ فتني ۽ فساد جو دور هو . مذهبي ۽ ديني اُمور جي لحاظ کان، خلوص، سچائي ۽ نيڪ نيتي اڻ لڀ هئي؛ پر رياڪاري ۽ منافقي ۽ ظاهرداري تي گهڻو زور هو. مذهبي فرقه بندي، ڪينه پروري ۽ حسد، ماڻهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏيو هو . حافظ شيرازي، اُن ڪري چئي ٿو :

جنگ هفتاد و دو ملت را عُذر بنہ

چون ندیدند حقیقت رہِ افسانہ زدند

يعني: ٻاهتر فرقي جي سڀني اختلافن کي لاچار سمجهہ ۽ ڇڏي ڏي، ڇو تہ جڏهن حقيقت کي نہ ڏٺائون تہ افسانہ گهڙيائون ۽ کوڙين ڳالهين جي راهہ اختيار ڪيائون ۽ حقيقت کان محروم رهجي ويا

حافظ شيرازي، انسان ذات جي عظمت کي نگاهہ ۾ رکي ٿو ۽ هو انهيءَ کان آشنا آهي . هو ڪنهن بہ فرقي يا عقيدي يا مذهب واري ماڻهوءَ کي گهٽ نٿو سمجهي، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان انساني وحدت ۽ ڀائيچاري ۾ وڏو نفاق ٿو پوي . خداتعاليٰ جي ذات جو ڪرم هر ان سان تي آهي ۽ قرآن شريف، انهيءَ جي تصديق ٿو ڪري تہ "ولقد کرمنا بني آدم "، يعني بيشڪ اسان بني آدم تي ڪرم ڪيو . حافظ شيرازي، انهيءَ حقيقت کان نگاهہ ۾ رکي چوي ٿو تہ:

همہ کس طالب يار اند، چہ هُشيار چہ مست

همہ جا خانه عشق است، چہ مسجد چہ کنِشت

يعني: سڀئي هڪڙي محبوب (ذاتِ واحد) جا طالب آهن، پوءِ اهي ڪٹي هوشيار هجن يا مست!

هر هنڌ عشق جو گهر آهي، مسجد يا گِرجا، نياز جو سجدو هر هنڌ جائز آهي.

حافظ شيرازي، انسان ذات جي محبت ۽ يگانگت کي لافاني قرار ڏئي ٿو ۽ هو فرمائي ٿو:

خلل پذير بُوڏ، هر بنا کہ مي بيني

مگر بناي محبت کہ خالي از خلل است

يعني: جيڪو بنياد ڏسين پيو، سو تباهہ و برباد ٿيڻ وارو آهي، پر محبت ۽ پيار جو بنياد، انهيءَ خلل کان خالي آهي، يعني لازوال آهي.

اهي حقيقتون، جيڪي اسان کي ايراني شاعريءَ يا ادب ۾ ملن ٿيون، سي نوجوان نسل لاءِ اڄ بہ رهنمائي ڪندڙ حقيقتون آهن ۽ اسان جيڪڏهن انهن لافا ني شاعرن، عارفن ۽ عالمن جي اهڙي سودمند ادب کان پنهنجي نوجوان نسل کي محروم رکي چئون تہ اهو پراڻو ۽ فرسوده فڪر هو ۽ اها غيرن جي ڳالهہ آهي تہ پوءِ اها "ادب" سان بي ادبي جي برابر آهي.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تعليم، جديد معاشي ۽ معاشرتي علوم، زيست شناسي، زمين شناسي وغيره جي تعليم، ڪڏهن بہ انساني فطري لاڙن، رجحانن، انساني ميل ميلاپ، محبت، ڀائيچاري، عدل و انصاف ۽ حق گوئي جي حقيقت کان مانع نہ آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي نوجوان نسل کي، قديم ادب جي لطافت ۽ خوبين کان پري رکنداسون تہ، اسان جو "نوجوان نسل"، روحاني، اخلاقي ۽ انساني قدرن کان هٽي ويندو، ڇو تہ قديم ادب، ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ هجي، ان جو عرفان ۽ فڪر هڪ ئي آهي، صرف زبان، اسلوب ۽ بيان ۾ مقامي طور فرق آهي .

ليڪن انساني معاشري جي اصلاح ۽ انسان ذات جي برتري ۽ افضليت جي لحاظ کان يڪسان آهي.

اصل ۾ . ”ادب“ زندگيءَ جي سمورين قوتن، محبتن، مسرتن، ذوق، ڏک ۽ سک جو ترجمان آهي . چڱو ادب، هر دور، هر حال ۽ هر ملڪ ۾ پيدا ٿيندو رهيو آهي . انهيءُ جو مقصد ۽ مطلب، افاديت ۽ اهميت، ان جي ٻولي ۽ هنڌ، چاهي ڪيتريقدر بہ ڪٽي مختلف هجي، تنهن هوندي بہ پنهنجي لڳا تار اوسر ۽ ارتقا جي ڪري جدا جدا پاڱن ۾ ورهائڻ واري شيءِ نہ آهي ۽ ادب بہ، ٻولي، مقام ۽ زمان (دور) جي اختلافن جي باوجود، هڪ عظيم ”اتحاد“ يا ”ايڪو“ آهي، جنهن جي مسلسل واڌ ۽ تبديلين جي رفتار ڪي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ، زندگيءَ سان گڏوگڏ قدم وڌائڻو پوندو.

زندگي چرپر ۽ حرڪت جو نالو آهي . زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ سڪوت نہ آهي، اهڙيءَ ريت . ”ادب“ ۾ بہ جمود پيدا نہ ٿيو آهي. البت زندگيءَ جي رفتار ۽ واڌ، ڪڏهن تيز ۽ گرم تر تہ ڪڏهن سست ۽ نرم ٿيندي آهي . تڏهن . ”ادب“ بہ انهيءَ مطابق تبديل ٿيندو رهندو آهي.

سچا اديب ۽ شاعر، نوجوان نسل جي راهہ تعين ڪن ٿا . اهي انهن جي فڪر، سوچ ۽ تخيل جي صلاحيتن ڪي معاشري جي لاءِ ڪارآمد ۽ مفيد بنائين ٿا . جڏهن اهي سچا اديب ۽ شاعر، پنهنجي فڪري صلاحيتن ڪي نروار ڪن ٿا، تڏهن خود غرض، رياڪار ۽ معاشري جي مڪار ماڻهن جي زندگي زهر بنجيو

وجي. اهڙا اديب ۽ شاعر جڏهن بہ پنهنجي قلم کي جُنبش ڏين ٿا، تڏهن اهڙو تہ شور و غل برپا ٿيو وجي، جو مرده دلين ۾ بہ ساهہ پئجيو وجي . ان کري اديب ۽ شاعر، مرده معاشري جا روح ڦوڪيندڙ ۽ نوجوان نسل جا رهنما آهن. ٽئگور چئي ٿو تہ:

”وردِس ورٿ وانگر گهڻو کري اداس گذارڻ لڳس. وردِس ورٿ هميشہ اهو ويچاري اداس ٿيندو هو تہ انسان، انسان سان ڇا نہ کيو آهي!

انسان کي نانگ، چيتي، شينهن ۽ ٻين جهنگلي جانورن ايترو نہ چِيريو ۽ ڦاڙيو آهي، جيترو انسان!“

”مون کي اهو معلوم هو، مان اهو ڄاڻندو ۽ محسوس کندو هوس، پر ان جي مون کي اها اميد هئي تہ ضرور کا جاءِ اهڙي هوندي، جتي انسان جو غيرفاني روح، ککرن ۾ لِکل سچ جي مثل موجود هوندو..... ۽ آخر، ”ادب“ جي وسيلي مان ان جاءِ تائين پهچي ويس“.

چيو وجي ٿو تہ جواني ديواني آهي، اهو چوڻ بلکل درست آهي، چو تہ جواني فطري طور انقلاب انگيز ، هيجان آور ۽ اندروني نفساني خواهشن جو دور آهي . نوجوان فطرت جي رنگيني ۽ دلکشي جي اسرار ورموز کان باخبر ٿيڻ جي خواهش رکي ٿو . هو هن کائنات جي خالق ۽ پيدا کندڙ جي حقيقت کان آشنا ٿيڻ گهري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح سان هو مذهبي معلومات مان بہ بهره ور ٿيڻ جي خواهش رکي ٿو.

نوجوان پنهنجي فطري محبت جي ڪري، سچ ۽ سچائيءَ جي راهه، پاڪيزگي ۽ فضيلت، عدل و انصاف، جوانمردي ۽ عالي همت جهڙين صفتن سان دلچسپي رکي ٿو ۽ انهن ڏانهن متوجه ٿئي ٿو . هو پنهنجي شخصيت جي اظهار لاءِ، آزاد راءِ ۽ خودنمائي جي خواهش رکي ٿو.

نوجوانن ۾ اهو به رجحان ۽ لاڙو ملي ٿو ته اهي اجتماعي زندگيءَ سان هم ڪنار ٿي، معاشري جا مؤثر ڪردار بنجن، انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسان جا استاد، اديب، شاعر ۽ دانشمند درست عمل ۽ نيڪ مقصد جي حصول لاءِ پرورش ڪن، ڇو ته جوانيءَ جو وقت ، شخصيت جي پائيداري، برقراري ۽ پختگيءَ جو وقت آهي. جوانيءَ جي مُهلت وارا ڏينهن، پُرارزش ۽ قيمتي آهن. نوجوان نسل جي جسم و جان کي هڪ صحيح، شائسته، تعميري ۽ نيڪيءَ سان ڀرپور زندگيءَ جي طرف رجوع ڪرڻو آهي، جيئن اسان جي معاشري جو هر فرد حقيقي انسان بنجي وڃي.

نوجوان نسل هڪ طرف ڪان طبعي طور عقل جي نارسائي، ناپختگي ۽ ناتجربيڪار جي ڪري، ته ٻئي طرف ڪان تندو آتشين احساسات جي قيد سبب، اڪيلي سر پنهنجي مڙني مصلحت انديشين تي قادر نه آهي، جو پنهنجي لاءِ ف لاح ۽ ڇوٽڪاري واري راهه هٿ ڪري، خوشبختي ۽ سعادت حاصل ڪري سگهي، ان ڪري نوجوانن کي اهڙي وقت ۾ رهبري ۽ روشني جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن اهي خطرناڪ پُرپيچ، ناپخته ۽ خام خياليءَ مان ٻاهر نڪري سگهن.

”ادب“ جي دنيا وسيع آهي . اديب، سماج جي تل خ و شيرين تجربن ۽ حقيقتن جو مطالعو ڪري ٿو . ان جي ترجماني ڪري ٿو. اديب يا شاعر پنهنجي فڪر جي اظهار لاءِ رمزن، اشارن ۽ استعارن ڪان ڪم ونئي ٿو . اديب يا شاعر، ڪهڙي بہ صنف ۾ پنهنجي حقيقت بيانيءَ جو اظهار ڪري، ان جو تاثر ذهن جي رهنمائي ڪندڙ آهي، ان ڪري ضرورت هن ڳ الهہ جي آهي تہ سنڌي ادب جي نثر يا نظم جي سمورين صنفن ۾، نوجوان نسل جي رهنمائي، وقت جي تقاضائن مطابق هئڻ گهرجي، جيئن اهي پنهنجي ماضيءَ ڪان بہ واقف ٿين تہ پنهنجي حال جي حقيقتن کي بہ نگاهہ ۾ رکي پنهنجو مستقبل روشن ۽ تابناڪ بنائين ۽ وطن سنڌ جي عظمت لاءِ پاڻ پتوڙين. اهڙيءَ طرح سان پنهنجي معاشري کي هر لحاظ کان خوشحال ۽ پسنديده بنائي سگهن، ڇو تہ معاشري جا معمار ۽ اهم ترين ڪردار نوجوان آهن ۽ انهن جي اعتماد، ڪوشش ۽ محنت سان ئي قوم ۽ مُلڪ جو وقار بحال ٿي سگهي ٿو.

نوٽ : هيءَ مضمون مهراڻ رسالي جي 1985ع جي جلد ٽيون ۾ ڇپيو آهي.